1. داد محمد ڪٽوهر (انور پرديسي)
2. ڊاڪٽر رحيم بخش مهر "خادم"

# وليم ورڊس وَ رٿُ ۽ تنوير عباسي جي شاعريءَ جو تقبلي اڀياس

# Comparative Study of the Poetry of William Words Worth and Tanveer Abbasi

**Abstract:**

*William Wordsworth (1770–1851) was born on the 7th April, in Cocumouth, Cumberland, England. He got his early education at Hawks Head Grammar School. During this time, he wrote his first poem. After that, he went to Cambridge, where he got his graduate degree in 1791. In 1798, his book called "lyrical ballads" was published. He wrote many poems regarding the beauty of nature. He observed nature closely and he captured natural beauty. He has depicted nature in words with an aesthetic sense. So, it is observed that there is his intimacy with nature. He calls poetry the "spontaneous" overflow of powerful feelings, which reflects automatically due to closeness with nature. Therefore, his poetry has an impact on readers as well as listeners. He wants to persuade and please people in this world. In the same way, the poetry of Tanveer Abbasi is filled with persuasive art and natural beauty. He shows his closeness to the beauty of nature. So, it is observed that both words' worth and Tanveer Abbasi have intimacy with nature in great abundance.*

وليم ورڊس 07 اپريل (1770ع -1850ع) ۾ ڪوڪمائوٿ ڪيمبر لينڊ انگلينڊ ۾ پيدا ٿيو. ستن سالن جي عمر ۾ هن کي اسڪول ۾ داخل ڪيو ويو. ابتدائي تعليم هاڪشڊ گرامر اسڪول مان حاصل ڪيائين. انهيءَ ئي اسڪول ۾ پڙهڻ دوران، هن پهريون نظم لکيو هو. ان بعد اعليٰ تعليم حاصل ڪرڻ لاءِ هن انگلينڊ جي مشهور ڪئمبريج يونيورسٽيءَ جو رخ ڪيو. جتان هن 1791ع ۾ گريجوئيشن جي ڊگري حاصل ڪئي. 1798ع ۾ هُن lyrical Bullads سريلا گيت جي نالي سان پهريون شعري مجموعو شايع ڪيو.ان کان پوءِ سندس بيشمار تخليقون ڇپجنديون رهيون آهن. جيڪي فطرتي حُسن سان همنڪار آهن. ورڊس

---

[1]. پي. ايڇ. ڊي اسڪالر، سنڌي شعبو، شاهه عبداللطيف يونيورسٽي، خيرپور.
[2]. اسسٽنٽ پروفيسر، سنڌي شعبو، شاهه عبداللطيف يونيورسٽي، خيرپور.

ورٿ فطرت جو مشاهدو ويجهي کان ڪيو آهي. سندس نظمن ۾ نيچر Nature جون حُسناڪيون نمايان نظر اچن ٿيون. وردس ورٿ جيڪو پنهنجي اکين جي سامهون پسيو انهيءَ منظر کي هن پنهنجي ٻوليءَ ۾ بيان ڪيو آهي. وردس ورٿ فطري سونهن کي، پنهنجي خيالن ۾ تسبيح جي داڻن وانگر پوئڻ جي وڏي مهارت رکي ٿو. انهيءَ مان اهو محسوس ٿئي ٿو ته، وردس ورٿ جا احساس ۽ جذبا، مشاهدي جي گهرائي سانِ ملي ڪري پني تي اوتجڻ لاءِ، هن کي اتساهه بخشين ٿا. ڊاڪٽر الهداد ٻوهيو لکي ٿو ته: ”شاعري،”وردس ورٿ“ جي خيال ۾ گرم جذبات ۽ احساسات جي اها اٿل يا پرٿ آهي، جيڪا اٿلي پوڻ ۽ پرتجڻ لاءِ مجبور هجي. اهڙي شاعريءَ جا محرڪ تيز احساسات ۽ گرم جذبات هوندا آهن، جن سان گهرو ۽ اونهو مشاهدو به شامل رهندو آهي. جڏهن جذبن ۽ احساسن کي تحرڪ ايندو آهي، تڏهن هو پنهنجو پاڻ ۽ فطرتي طريقي سان اظهار ۾ زبان جي سليقي بنديءَ يا هنر منديءَ يا فن کي گهٽ دخل هوندو آهي. پاڻ اهڙي ٻڌايل ۽ سڌاريل زبان اهڙي اظهار جي رستي ۾ روڪ ثابت ٿي پوندي آهي. اهو ئي سبب آهي جو وردس ورٿ وٽ نظم ۽ نثر جي زبان ۾ ڪو بنيادي فرق ناهي. وردس ورٿ وٽ اهڙيءَ شاعريءَ جو مقصد آهي ريجهائڻ ۽ پرچائڻ، اورڻ ۽ دل ٺارڻ، ان ڪري، هن جي نظر ۾ شاعر هڪ اهڙو فيليسوف ۽ مبلغ آهي، جنهن جو ڪم آهي ماڻهن جي روح کي راحت پهچائڻ.“ (1)

ساڳيا ئي فطرتي منظر اسان کي تنوير عباسيءَ جي ٻولن ۾ به نظر اچن ٿا.تنوير عباسيءَ جي شاعري پنهنجي هم عصر شاعرن کان ڪي قدر نرالي، جماليات جي رنگن روپن ۽ فطري حُسناڪين جو سنگم آهي. سندس مشاهداتي سگهه ۽ فطرت جي بارڪ بيني سان مطالعي ۽ مشاهدي ڪرڻ ڪري، هو نيچر Nature کي پنهنجي من جي اجرائيءَ سان بيان ڪرڻ جو وڏو ڏانءُ رکي ٿو. فطرت سان ويجهڙائيءَ ڪري، تنوير عباسيءَ جا خيال، نازڪ جذبا ۽ احساس خالص فطرت وانگر صاف ۽ شفاف آهن.

شاعر جي دل صاف سدا،
هيري کي ڪيئن لڳندي ڪٿ.“(2)

وردس ورٿ، پنهنجي نظم ڊيفوڊلس ۾ فطري سونهن جي ساراهه هن طرح بيان ڪئي آهي.

**Daffodails:**

“I wandered lonely as a cloud That floats on high o’er vales and hills,
When all at once I saw a crowd,
A host, of golden daffodils; Beside the lake, beneath the trees,
Fluttering and dancing in the breeze. …

For oft, when on my couch I lie In vacant or in pensive mood,
They flash upon that inward eye Which is the bliss of solitude;
And then my heart with pleasure fills, And dances with the daffodils.”

**ترجمو:**

مان ڪڪر وانگر اڪيلائيءَ ۾ رُليو هيس
جيڪو واديءَ ۽ پهاڙيءَ جي مٿان تريو هيو
جڏهن،
هڪدم مان هجوم ڏٺو هيو
جڻ ڪو ميزبان سونهري گل ڊيفوڊل جو
ڍنڍ جي پر ۾ ۽ وڻن جي هينان
ٿڌڙي هير ۾ وجندي ۽ ناچ ڪندي
اڪثر ڪري،
جڏهن مان پنهنجي بستري تي سمهي رهيس،
خالي دماغ سان يا صدمي واري موڊ ۾
انهن پنهنجي اندرين اک سان
مون کي ڏٺو،
جيڪا تنهائيءَ جي عنايت آهي،
۽ منهنجي دل خوشيءَ سان ڀرجي وئي،
۽ مان ڊيفوڊلس سان گڏ ناچ ڪيان ٿو.

ورڊس ورٿ پنهجي اندر جي احساسن کي، آسمان مٿان ڪڪرن جيان ترندو، ڍنڍن، ماٿرين، فصلن، جبلن، ٻنين جي سونهن سوڀيا سان پنهنجن خيالن ذريعي دل جي ڪيفيتن جو اظهار ڪري نچندي جهومندي نظر اچي ٿو. تنوير عباسي انهن احساسن، جذبن، سونهن جي سونهري رنگن ۽ فطرت جي نظارن سان، نيهن جو اظهار پنهنجي نظم ”گيت پريت جا ڳايون“ ۾ هن طرح بيان ڪيو آهي.

آ گيت پريت جا ڳايون
نغمن ۾ هستيءَ کي وجائي، هوا تي اج لهرايون ،
جهرڻن مان کي سُر چورائي منڙا ساز وجايون
پاڻ سان گڏ هن جڳ کي ڀي گيتن جي لئہ وجايون
آ گيت پريت جا ڳايون
آ گلڙن سان لنو لايون
هير تي ۽ پرڀات جو پنهنجون جهوليون ڀريون خشبو سان،
ماڪ تي کي رنگ چورايون، مکڙين جي تہ ڳلن مان

پونئَر ٿي گل گل جي چوڌاري ڦيرا هر هر پايون
آ گيت پريت جا ڳايون. “(3)

ڊاڪٽر الهداد ٻوهيو لکي ٿو تہ: ”تنهن ڪري جيڪڏهن ورڊس ورٿ ماٿرين، جبلن، فصلن، ڍنڍين ۽ ٻنين جو شاعر آهي، تہ تنوير سنڌ جو سنڌو جو سنڌ جي ماڻهن جو ۽ سنڌي ماڻهن جي شان جو شاعر آهي. فرق رڳو ايترو آهي. جا ڳالهہ ورڊس ورٿ جي تصور ۾ آهي. سا ساڳي ڳالهہ تنوير جي من ۾ آهي. منهنجو خيال آهي تہ سنڌ کان ٻاهر وارن شاعرن مان، تنوير کي ورڊس ورٿ گهڻي ۾ گهڻو متاثر ڪيو آهي “ (4)

ورڊس ورٿ هڪڙي ٻئي نظم ليوسي گري Luscy Gray ۾ هرڻ ۽ سهي جي مثالن سان فطرت کي هيئن اجاگر ڪيو آهي.

**Lusey Gray:**

You can see a fawn at paly,
And hare upon the green,
But sweet face of lusey gray,
Can nevr more be seen.

**ترجمو:**

توهان هرڻ جي ٻچي کي،
ڏسي سگهو ٿا،
۽ سهڙ کي ساوڪ جي مٿان،
پر ليوسي گري جو پيارو چهرو ڪڏهن بہ ڏسي نہ ٿو سگهجي.

تنوير عباسي جو هي هينيون شعر، ورڊس ورٿ جي، مٿين شعر جي عڪاسي ڪري ٿو. ورڊس ورٿ جيڪڏهن هرڻين ۽ سهن جي ڳالهہ ڪئي آهي، تہ تنوير وري ڇيلڙن کي پنهنجي شعر جو موضوع بڻايو آهي.

اڄ سارو جڳ دل کي وٽي ٿو،
من ڇيلن جيان ڇال هڻي ٿو،
دل دکڙن جا ڏينهن وساريا.“(5)

ورڊس ورٿ فطرت جي رنگينين جي گونا گونين مان گهڻو متاثر هو. نديون، واديون، پهاڙ، بادل، ڍنڍون، سمنڊ، گل ٻوٽا سندس خيالن جا محور ۽ مرڪز رهيا آهن. تنوير بہ فطرت جي سونهن جو ديوانو هو. ڪيس بہ گل ٻوٽا، پوپٽ هن جي شاعريءَ جا اهم موضوع رهيا آهن. جيئن ورڊس ورٿ جو هي نظم فطرت جي انڊلٺي نظارن جي ترجماني ڪري ٿو.

I heard among the solidary hills,
Low bearthig coming after,
Me –and sound
Of undistineuishable
Motion step
A lmost as silent at the leaf
The trod,

پرليوڊ...

مان تنهان پهاڙين جي
وچ مان پڌو آهي
آهستي ساهہ کڻڻ جو آواز اچي ٿو
مون کان پوءِ
۽ ان جي چوڌاري
هڪ غير نمايان چرندڙ قدم
گهڻي قدر خاموش
هڪ پن جي مٿان
ڪو قدم ان کي ڪچلڻ جي لاءِ..

ورڊس ورٿ جي اندر ۾ هڪڙي پاسي سونهن جا جهلڪا آهن, تہ ٻئي پاسي سندس اندر ۾ هڪڙو خوف بہ موجود آهي. جنهن جو اظهار مٿين شعر ۾ ڪيائين. اهڙي نموني, تنوير عباسي بہ پنهنجي اندر ۾ پڇريوءِ پڇيو آهي. سندس شاعريءَ مان اهڙين اونداهين راتين جو پسمنظر پسي سگهجي ٿو.

اونداهين ڪارين راتين جا
ڇايا آهن, دڪڙا من ۾,
چمڪو ڏئي ۽ گم ٿي وئي آ
ٽانڊاڻي جان آس انهن ۾:
موت تہ ٿئي ڪو صبح سويرو
يا
نور جا ڪرڻا ٽانڊن وانگر
منهنجي ساهہ ۾ سرندا ايندا,
تو کان سواءِ ڪرڻا ڪندن جان,
منهنجي هانءَ ۾ هوندا رهندا.
دل ۾ دڪڙن جو ٿيو ديرو."(6)

ڊاڪٽر عبدالجبار جوڻيجو لکي ٿو تہ: "سونهن جي سُرت يا احساس جمال (Aesthetic sense) شاعر ۽ فنڪار ۾ گهڻو هوندو آهي، هو فطرت جو حسن، انساني حسن ۽ موجودات ۾ حسن پسي ٿو ۽ پسڻ گهري ٿو. حُسن کي خود حُسن جي روشنيءَ ۾ پسڻ جي خواهش سندس اندر ۾ اڌما ڪائيندي نظر اچي ٿو. سونهن جي سُرت تنوير جي شعر ۾ لفظ لفظ ۾ جهلڪا پئي ڏئي. اُها هن جي سوچ جو محور ۽ جياپي جو جڻ سبب آهي." (7)

تنوير عباسي جي خيالن ۾ قدرتي نظارن جي ڀرپور عڪاسي ٿيل آهي. سندس شعر جو گهڻو حصو فطرت جي جمال سان جلوو گر آهي. تنوير عباسيءَ وٽ فطرت جي رنگن جي مشاهداتي سگهہ پنهنجي همعصر شاعرن کان سرس نظر پئي اچي. اهڙي شاهدي سندس تخليقن منجهان سچ جي روشنيءَ جيان جهلڪا ڏيندي نظر اچي ٿي. فطري شاعري جو مقصد صرف فطري نظارن کي بيان ڪرڻ ناهي، پر هو فطرت منجهان انسان کي محبت ميٺ، امن ، فاني هجڻ جي حقيقت ۽ وقت جي اهميت جو بہ احساس ڏياري ٿو .ساڳي ريت جڏهن رومانيت جو پهلو کڻي اچي ٿو تہ سندس شاعري ۾ محبوب جي سونهن، ناز انداز جي تشبيهہ آفاقي توڙي زميني علامتن وسيلي منفرد خيال پيش ڪرڻ جو وڏو ڏانءُ وٽس موجود آهي، جيئن هن هائيڪي ۾ :

ٽڙيل چمپا گل،
تون ۽ مان خاموش ۽
هبڪارن جا هل"(8)

الهداد ٻوهيو لکي ٿو:"تنوير عباسيءَ جي شاعريءَ جو ڪُجھ سارو شعر اهڙو آهي، جو زبان، روانيءَ جماليااتي ۽ فطرتي مشاهدي جي خيال کان جديد دور جي ٻين سنڌي جي شاعرن کان نرالو آهي. تنوير فطرت يا ماحول، جو مطالعو فطرت جهڙي ئي صاف ۽ شفاف دل سان ٿو ڪري، ان ڪري هن جو مشاهدو پاڪ ۽ خالص جذبات سان پرپور آهي. تنوير سنڌ جي سماجي ۽ عوامي زندگيءَ جو شاعر آهي، ان ڪري هن جا شعر عوامي زندگيءَ جي جهلڪين جا حامل آهن. عام زندگيءَ کي پيش ڪرڻ لاءِ هن جا ٻولي استعمال ڪئي آهي، سا بہ عوامي سنڌي آهي. فطرت جي هن مشاهدي مان هن "خود " انسان کي جدا ڪري ٻاهر رکيو آهي، پر انسان کي فطرت جو حسين ترين مظهر ڪري ورتو آهي." (9)

تنوير عباسيءَ جي شاعريءَ ۾ فطرت جا انيڪ رنگ موجود آهن. تنوير اهڙن شاعرن ۾ اچي ٿو جنهن شاعري ۾ پاڻ ملهايو آهي. تنوير عباسيءَ پنهنجي شاعريءَ ۾ لا تعداد سونهن جا عڪس چٽيا آهن فطرت جا سوين سونهن ننگر آهن، هر ننگر ۾ نينهن مُکڙيون ٻڻجي ڪائناتي سندرتا ۽ حسناڪين ۾ اضافو ڪندو رهي ٿو. تنوير جا ٻول انهن مکڙين منجهان

رس پياڪ پوپٽ جي رنگن وانگر نڪريل نظر اچن ٿا. سندس غزل جي هنن بندن ۾ پوپٽ جي فطري رنگن جو ڪيڏو نہ سھڻو عڪس چٽيو اٿائين.

مون تہ گلاب لڳايا آهن،
پوپٽ پاڙهي آيا آهن.
تنهنجا ٿهڪ گلن جي صورت،
بسنت رُت ورجايا آهن."(10)

مير واهہ تي شام
سوني پاٽيءَ ڏي جهڪي
ٽالهي جي هڪ لام"(11)

تنوير عباسي مٿين هائيڪي ۾ شام جي منظر کي فطرتي انداز ۾ بيان ڪيو آهي. شام جو پهر ميرواهہ ڪينال جو وهڪرو ۽ چلندڙ ڇولين مٿان ٽالهيءَ جي لام انهن ڇولين کي ڇهي رهيو آهي. جنهن سان فطرت جي سونهن ۾ تہ اضافو آهي ئي آهي. پر ان منجهان جيڪي عڪسي رنگ تنوير عباسي انهن ٽن سٽن ۾ چٽيا آهن. انهن جو ڪو بہ مثال نہ ٿو ملي. هو پنهنجي محبوب جي چهري کي پاڻيءَ جي ڇولين سان مُستار ڪري ٿو ۽ سندس وارن کي ٽالهيءَ جي لامن سان پيٽ ڏيئي شام جي پهر جي رنگن ۾ ڀرپور اضافو ڪيو آهي. تنويرعباسيءَ جا هائيڪا زندگيءَ جو فلسفو آهن. هر هائيڪي ۾ ڪو نہ ڪو زندگيءَ سان سلهاڙيل واقعو بيان ٿيل آهي. جنهن ۾ علامتي انداز ۾ فطرت جا رنگ جهجهي انداز ۾ سمايل آهن. انهن ئي سونهن جي رنگن ۾ انساني سوچ ويچار بابت نفسياتي انداز ۾ ڪنهن نہ ڪنهن سماجي مسئلي طرف ڏيان ڇڪرايل هوندو آهي. اهي انداز ڪڏهن مزاحمتي تہ ڪڏهن رومانٽڪ انداز ۾ بيان ٿيل هوندا آهن. فنڪار جي پيشڪش جو اهڙو ڏانءُ دل لُڀائيندڙ هوندو آهي. قاسم ملڪ لکي ٿو تہ: "هينئين هائيڪن ۾ گلاب جي گلن، رابيل جي گلن، موتيءَ جي گلن ۽ چمپا جي گلن جو ذڪر ۽ مختلف رنگن ۾ خوشبو پکيڙي اٿس ۽ مختلف گلن کي مختلف نموني، سان پيش ڪيو اٿس. اهڙي تہ خوبصورت نموني جي منظرنگاري ڪئي اٿس، جو پڙهندي محسوس پيو ٿئي تہ جڻ انهن هائيڪن کي شڪل صورت ۾ پيو محسوس ٿئي ۽ واقعي تنوير هائيڪن جي منظر نگاري اهڙي تہ انداز سان ڪئي آهي جو هو تصويرون ٿي پيون آهن. تنوير جي شاعري جي هر صنف ڪنهن نہ ڪنهن بند ۾ گل جو ذڪر ضرور آهي. هو گلن سان پنهنجي محبوب ۽ پرين جيان پيار ڪري ٿو چاهي ٿو سارا هي ٿو ۽ گلن کي ڏسي خوش ٿئي ٿو." (12)

موتيءَ جي سرهاڻ
هي گرمي ۾ گهٽ پئي
وٽي تي ڏاڍي هاڻ.

بجلي تي وئي فيل
جوت ستارن جي وڏي
مهڪيا وڏ رابيل

تنهنجو ڪيڏو مُلهه
وارن ۾ محبوب جي
اوچمپا جا گل.(13)

تنوير عباسي هائيڪن ۾ عشق و محبت جا به فطرتي رنگ شامل آهن.

”گهٽبو ناهي پيار
جيڏا وار اچا ٿيا
اوڏو وڌندو يار “(14)

مٿئين هائيڪي ۾ تنوير عباسي پيار جوذڪر انتهائي خوبصورت لفظن ۾ ٿو ڪري. پيار متعلق تنوير جو خيال آهي ته پيار تي وجھ بعد گهٽبو ناهي اهو وڌندو رهندو آهي. پيار اهو جذبو آهي جيڪو عمر جي ڪنهن به حصي ۾ اندر جي سُتل احساسن کي جاڳائي ٿو. پيار فطرت طرفان مليل انسان کي اهو تحفو آهي جيڪو پئي پراڻو نه ٿيندو آهي

تنوير عباسيءَ وٽ فطرتي سونهن جو مُلهه سون ۽ جواهر کان به گهڻو آهي.

”ها ها او ڏاڙيل
کٽي وڃ سڀ سون پر
پٽيو نه هي رابيل“(15)

تنوير عباسي فطرتي رنگن جو شاعر آهي. هن پنهنجن هائيڪن ۾ فطرتي سونهن کي سمايو آهي. هو گلن سان ايترو ته پيار و محبت ٿو ڪري جو ڦورن کي به چوي ٿو ته قيمتي شيون سون وغيره به کڻو پر رابيل نه پٽيو. فطرتي سونهن نه وڃايو. انهيءَ ڪري ته تنوير عباسيءَ کي فطرت جي شاعر ورڊس ورٿ سان ڀيٽيو ويندو آهي.

## حوالا:


1. پوهيو الهداد، ڊاڪٽر. ادب جا فڪري محرڪ. ڪنڊيارو: روشني پبليڪيشن سنڌ، 2013ع. 81، 82.
2. عباسي، تنوير. تنوير چئي. ڄامشورو: انسٽيٽيوٽ آف سنڌ الاجي،سنڌ يونيورسٽي، 1989ع. 247.
3. ساڳيو. ص. 57.
4. پوهيو الهداد، ڊاڪٽر. ادب جا فڪري محرڪ. ڪنڊيارو: روشني پبليڪيشن سنڌ، 2013ع. 88.
5. عباسي، تنوير. تنوير چئي. ڄامشورو: انسٽيٽيوٽ آف سنڌ الاجي،سنڌ يونيورسٽي، 1989ع.
6. ساڳيو. ص. 12.
7. جوڻيجو عبدالجبار، ڊاڪٽر. تنوير عباسي (هڪ مطالعو) حيدرآباد: گنج بخش ڪتاب گهر. 2000ع. 24.
8. عباسي، تنوير. ساجن سونهن سُرت. ڪنڊيارو: روشني پبليڪيشن. 1996ع. 65.
9. پوهيو الهداد، ڊاڪٽر. ادب جا فڪري محرڪ. ڪنڊيارو: روشني پبليڪيشن سنڌ، 2013ع. 88.
10. عباسي، تنوير. ساجن سونهن سُرت. ڪنڊيارو: روشني پبليڪيشن. 1996ع.46.
11. ساڳيو. ص. 72.
12. قاسم، ملڪ. مضمون. تنوير عباسيءَ جي شاعريءَ ۾ گلن جو ذڪر. پڻائي 7.(ڊاڪٽر تنوير عباسي نمبر) خيرپور: سنڌي شعبو شاهه عبداللطيف يونيورسٽي. سنڌ 2002ع. 50، 52.
13. عباسي، تنوير. ساجن سونهن سُرت. ڪنڊيارو: روشني پبليڪيشن. 1996ع.59.
14. عباسي، تنوير. تنوير چئي. ڄامشور: انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي، يونيورسٽي آف سنڌ.1989ع. 501.
15. ساڳيو.ص. 509.